اَلصلواة وَالسلامُ عَليكَ يا رسُول الله

رفع يدين آخر ڇو؟

- مصنف -

شيخ الحديث مولانا سعيد احمد اسعد مدظله

- مترجم -

صاحبزاده السيد محمد زين العابدين راشدي

- ڇپائيندڙ -

محمد اسلم ميمڻ قادري

سلسليوار مفت اشاعت ٢١

كتاب گهرائڻ جو طريقو ۽ پتو
ٽپال ذريعي رسالو گهرائيندڙ 5 روپيا جون
پوسٽ ٽڪليون موڪلي رسالو گهرائي سگهن ٿا.

ڇاپو............ آگسٽ ١٩٩٤ع

ناشر

انجمن پيغام رضا رضي الله عنه

پوسٽ باڪس نمبر 76 - اناج منڊي حيدرآباد

ايصال ثواب لاءِ بهترين طريقو

مسلمانو! يارهين شريف، عرس مبارڪ، ٻارهو ۽ خيرات ڪرڻ ج
مقصد انهن شخصيتن کي خدا تعاليٰ جي گنج مان ثواب پهچائڻ آهي
قرآني تعليم کي عام ڪرڻ تي جيڪا رقم خرچ ڪبي، ظاهر آهي ته اها
رقم ڀت تي خرچ ڪرڻ کان وڌيڪ ثواب لهندي. مثال جيڪڏهن ڪ
شخص فوتيءَ کي ثواب پهچائڻ لاءِ بريانيءَ جون ١٥ ديڳيون لاهي ٿو. پ
جيڪڏهن صرف ٥ ديڳيون لاهي مسڪينن کي کارائي باقي ڏهه ديڳ
جي رقم فوتيءَ کي ثواب پهچائڻ جي نيت سان قرآن پاڪ جو سنڌي
ترجمو ۽ تفسير نالي "ڪنزالايمان" وٺي مفت ورهائي يا وري "انجم
پيغام رضا رضي الله تعاليٰ عنه سان سهڪار ڪري ته جيئن انجم
اسلامي ڪتاب سنڌيءَ ۾ گهڻا شايع ڪري ورهائي معاشري ۾ پکڙيل
اعتقادي و عملي خرابيون، جهالت ۽ بي ديني ختم ڪري سگهي.

يارهين شريف هر مهيني پابنديءَ سان ملهائڻ گهرجي پر اُن ما
ڪجهه رقم علماءِ اهل سنت جي لکيل سنڌي ڪتابن جي اشاعت ۾
مدرسن جي بهتر تعليم و تربيت تي، ديني لائبريري قائم ڪرڻ تي
خرچ ڪجي. هي يقين رکڻ کپي ته سرڪار غوث اعظم محبوب سبحاني
پيران پير دستگير بغدادي رضي الله تعاليٰ عنه ننگر مان خوش ٿين ٿا
پرءِ ان کان سوين دفعا وڌيڪ هن نيڪ ڪم مان خوش ٿيندا، جنهن نيڪ
ڪم ۾ ثواب [illegible] آهي ۽ اسلام و سنيت جي تبليغ و اشاعت ۾.

خود غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ٻيا رباني عالم ۽ اوليا
الله پنهنجي سڄي ڄمار دين اسلام مسلڪ حق، اهل سنت و جماعت
جي واڌ، ويجهه ۽ تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. تنهن ڪري اسا
کي گهرجي ته اسان پنهنجو سرمايو اسلام جي سربلندي ۽ نشر
اشاعت ۾ لڳايون.

بِسمِ اللهِ الرّحمنِ الرّحيم

مسئلہ رَفع يَدين (١)

حضرات محترم! اڄڪلهه هنڌ هنڌ کان سُني ڀائرن کان شڪايت ٻڌڻ ۾ آئي آهي تہ غير مقلد (اهل حديث ۽ جماعت المسلمين وهابي) رفع يدين (نماز ۾ بار بار هٿ کڻڻ) واري مسئلي تي انهن سان خواہ مخواہ اٽڪن ٿا ۽ هي چوندا ٿا وتن تہ سواد اعظم اهل سنت و جماعت، جي نماز حديث جي روشنيءَ ۾ درست ناهي پر جي غور ڪيو وڃي ۽ انصاف جي نگاه سان ڏٺو وڃي تہ غير مقلدن جو اسين اهل سنت و جماعت سان نماز جي مسئلن تي اٽڪڻ اسان جي مؤمن هجڻ جو دليل آهي. ان ڪري جو هو اسان کي عَلي الا علان مشرڪ ۽ بدعتي چون ٿا ۽ وري، اسان کان نمازون درست ڪرڻ جو مطالبو بہ ڪن ٿا- ان جو منطقي نتيجو اهو نڪتو تہ اسان تي شرڪ جو الزام ڏانڊلي ۽ وڏو ڪوڙ آهي چو تہ مشرڪ سان نماز جي مسئلن تي مناظري جي، چئلينج ڪرڻ وارو حقيقت ۾ اهل سنت کي مسلمان سمجهي فروعيات ۾ اٽڪي ٿو. اهڙي طرح اسين سنين کي قاديانين ۽ مڪي جي مشرڪن کان بہ وڌيڪ خراب سمجهڻ وارا، جڏهن اسان سان رفع يدين تي اٽڪن ٿا تہ هو

(١) ڪشف الدين في مسئلة رفع اليدين (مصنف- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي قدس سره مترجم - صاحبزاده السيد محمد زين العابدين راشدي) ۾ وڌيڪ تفصيل پڙهندا- ادارو

علي الاعلان اهو اعلان ڪري ٿا ته اسان سني اهل سنت ۽ جماعت کي قاديانين ۽ مڪي جي مشرڪن کان به خراب سمجهڻ واري فتوي غلط ۽ ڪوڙي هئي- اهو شو شو وهابين جو عرب حڪومتن کي سنين کان متنفر ڪري انهن حڪمرانن کان شرڪ جي پاڙ پٽڻ جي نالي تي روال اڳاڙڻ لاءِ هيو- هاڻي اسين صرف پنهنجي سني ڀائرن جي دلي اطمينان لاءِ ڪجهه حديثون نقل ڪري رهيا آهيون ته جيئن پڙهندڙن تي واضح ٿئي ته اسان سنين جي نماز الحمد الله! احاديث جي روشنيءَ ۾ بلڪل درست ۽ صحيح آهي.

حديث نمبر ١ عن جابر بن سمرة قال خرج علينا رسول الله صلي الله عليه وسلم فقال مالي اراكم رافعي ايديكم كانها اذناب خيل شمس اسكنوافي الصلواة (صحيح مسلم شريف ص ١٨١)

ترجمو: حضرت سيدنا جابر بن سمرة رضي الله عنه ارشاد فرمائن ٿا ته اسان وٽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم تشريف وٺي آيا ۽ ارشاد فرمايائون- آءٌ توهان کي رفع يدين ڪندي ٿو ڏسان، جيئن وحشي، گهوڙا پنهنجا پڇ لوڏيندا آهن- نماز ۾ سڪون اختيار ڪيو.

سوال- هن حديث ۾ رفع يدين عندالرڪوع (رڪوع وقت) منع ناهي بلڪه رفع يدين عند السلام (سلام وقت) کان منع ڪيو ويو آهي. جيئن بعض محدثين به بيان ڪيو آهي ۽ انهيءَ حديث کانپوءِ واري حديث به ان تي دلالت ڪري ٿي.

جواب: سوال ۾ به ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن (١) ڪجهه محدث انهيءَ حديث کي رفع يدين عند السلام بابت لکيو آهي (٢) انهيءَ حديث کان پوءِ واري حديث به رفع يدين عند السلام جي ممانعت ۾ صريح آهي- پهرين اعتراض بابت

گذارش آهي ته اگر غير مقلد، محدثن جي راه تي عمل ضروري سمجهن ٿا ته پوءِ "چشم ماروشن دل ماشاد" هو ٻين محدثن جي راهه ۽ مذهب، تي عمل ڪن. اسين ته ان عظيم شخصيت جي راهه ۽ مذهب تي عمل ڪندا آهيون، جنهن جا هزارين محدث شاگرد آهن (يعني حضرت سيدنا امام اعظم ابو حنفيه تابعي رضي الله تعاليٰ عنه) ۽ اگر فرمان مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تي عمل ڪرڻو آهي ته پوءِ صرف حديث پاڪ جي لفظن کي ڏسڻو پوندو ته الله تعاليٰ جل جلاله جي محبوب پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم ڪهڙو حڪم صادر فرمايو آهي- سرڪار دو عالم صلي الله عليه وسلم ته نماز ۾ رفع يدين ڪان منع فرمايو آهي ۽ نماز ۾ سڪون جو حڪم ڏنو آهي. جنهن تي الحمد الله اسين اهل سنت و جماعت حنفي عمل پيرا آهيون. ٻيو اعتراض سوال ۾ هي ڪيو ويو آهي ته "بعد واري حديث پهرين حديث جو تفسير ڪري رهي آهي". اهو به درست ناهي ڇو ته هت واقعا به ٻه آهن ۽ حُڪمَ به ٻه آهن- پهرين حديث ۾ هي آهي ته اسين نماز پڙهي رهيا هئاسين ۽ نماز ۾ رفع يدين ڪري رهيا هئاسين ته رسول الله صلي الله عليه وسلم تشريف وٺي آيا ۽ نماز ۾ رفع يدين ڪان منع فرمايائون - جڏهن ته ٻي حيث هي آهي ته اسين رسول الله صلي الله عليه وسلم جي پٺيان نماز ادا ڪندا هئاسين ته، اسين السلام عليڪم و رحمة الله به چوندا هئاسين ۽ هٿ سان اشارو به ڪندا هئاسين، پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سلام جي وقت اشاري ڪرڻ ڪان منع فرمايو.

اهي ٻئي حديثون "نسائي شريف" ۾ به موجود آهن. پهرين حديث جا لفظ هيٺين طرح آهن.عن جابر بن سمر قال ڪنا نصلي خلف النبي صلي الله عليه وسلم فنسلم بايد ينا فقال مان هو لاء

يسلمون با يد يهم كانها اذناب خيل شمس اما يكفي احمد كم ان يضع يده علي فخذه ثم يقول السلام عليكم. (سنن نسائي شريف ص ١٣٢ جلد پهريون)

ترجمو: حضرت جابر بن سمره رضي الله عنہ فرمائن ٿا تہ اسين نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم ي پٺيان نماز ادا ڪندا هئاسين تہ پنهنجن هٿن سان سلام ڪندا هئاسين. تنهن تي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال هوندو جيڪي وحشي گهوڙن جي پڇن وانگر پنهنجن هٿن سان سلام ڪن ٿا. ڇا انهن ڪي هي ڪافي ناهي تہ پنهنجي سٿر تي هٿ رکي چون السلام عليكم". (١)

معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم پهرين حديث ۾ نماز ۾ رفع يدين ڪرڻ ڪان منع فرمايو ۽ ٻئي حديث ۾ نماز ۾ هٿ سان سلام ڪرڻ ڪان منع فرمايو آهي. الحمد الله! اسان اهل سنت جو ٻنهي حديثن تي عمل آهي.

● **حديث ٢:** من علقمة قال قال عبدالله ابن مسعود الا اصلي بكم صلواة رسول الله صلي الله عليہ وسلم فصلي فلم يرفع يديه الافي اول مرة قال وفي الباب عن البراء بن عازب قال ابو عيسي حديث ابن مسعود حديث حسن و به يقول غير واحد من اهل العلم من اصحاب النبي صلي الله عليہ وسلم والتابعين و هو قول سفيان و اهل الكوفة (ترمذي شريف ص ٣٥ جلد پهريون)

ترجمو: حضرت علقمہ چوي ٿو تہ حضرت عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه ڇا مان توهان ڪي رسول الله صلي الله عليہ وسلم واري نماز نہ پڙهايان؟- پوءِ پاڻ نماز پڙهايائون، صرف

(١) مطلب هي آهي تہ نماز پوري ٿيڻ وقت السلام عليكم ورحمتہ الله چوڻ مهل هٿ مٿي نہ ڪجي بلڪہ ٻئي هٿ سٿر تي هئڻ گهرجن.

شروع (نماز ۾) هٿ کنيائون ۽ هن باب ۾ حضرت براء بن عازب کان به روايت آهي- ابو عيسيٰ (امام ترمذي، صاحب ترمذي شريف) فرمائن ٿا ته - حضرت عبدالله ابن مسعود واري حديث حسن آهي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جا اصحاب گھڻو ۽ تابعين مان اهل علم جو گهڻو تعداد انهيء تي عامل آهي حضرت سفيان ثوري ۽ ڪوفي وارن جو به ساڳيو ئي قول آهي.

غور فرمايو جليل القدر محدث حضرت امام ترمذي هن حديث شريف جي تحسين به فرمائي رهيا آهن ۽ (٢) رفع يدين نه ڪرڻ تي صحابه ڪرام ۽ تابعين عظام جو وڏو تعداد اسين اهل سنت و جماعت حنفيه جا پيشوا ثابت ٿيا.

سوال- ترمذي جي ساڳي صفحي تي چند سٽون پهرين حضرت عبدالله ابن مبارڪ جو هي قول به لکيل آهي ته حضرت عبدالله بن مسعود واري حديث ثابت ناهي.

جواب:- (١) الله تعاليٰ معترضن کي عقل سليم عطا فرمائي (آمين) اگر امام ترمذي وٽ اها حديث ثابت نه هجي ها ته عبدالله بن مبارڪ جي قول نقل ڪرڻ کانپوء ان حديث جي هرگز تعريف نه فرمائن ها معلوم ٿيو ته حضرت عبدالله بن مبارڪ جو لَمْ يَثْبِتْ فرمائڻ ڪنهن ٻي شيء بابت آهي.

جواب:- (٢) جڏهن هن حديث جا سيئي راوي ثقه آهن ۽ علماء جرح و تعديل هڪ هڪ راوي جي ثقاهت بيان ڪئي آهي ته پوء حديث شريف ڪهڙي اصول تي غير ثابت قرار ڏني وڃي ٿي؟

جواب:- (٣) حضرت عبدالله بن مبارڪ رضي الله تعالي عنه ساڳي حديث حضرت عبدالله بن مسعود (جليل القدر

صحابي) (رضي الله تعاليٰ عنه واريءَ کي پاڻ به روايت فرمائن ٿا (ڏسو - نسائي شريف ص ١٦١ جلد پهريون)

معلوم ٿيو ته حضرت عبدالله بن مبارک وٽ به اها حديث ثابت آهي، نه ته هو اها حديث روايت نه ڪن ٿا. ان لم يثبت فرمائڻ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه جي هڪ ٻئي روايت بابت آهي جيڪا مرفوع آهي.

جواب:- (۴) ساڳي حديث بابت غير مقلدن جو اڳواڻ ابن حزم به لکي ٿو- اِن هذا الخبر صحيح - بيشڪ حديث صحيح آهي- (المحلي ص ٨٨) محلي (ڪتاب) جي حاشيه تي دور جديد جو مشهور غير مقلد وهابي مولوي احمد شاڪر به لکي ٿو ته - وهو حديث صحيح و حسنة الترمذي هي حديث صحيح آهي ۽ امام ترمذيءَ ان جي تعريف ڪئي آهي- (حاشيه المحلي ص ٨٧ جلد چوٿون)

مولوي احمد شاڪر، ترمذيءَ جي حاشيه ۾ لکي ٿو ته- وهذا الحديث صحيح ابن حزم وغيره من الحفاظ وما قالوه في تعليله ليس بعلة- " هن حديث کي ابن حزم ۽ ديگر حفاظ به صحيح قرار ڏنو آهي ۽ ڪن هن حديث ۾ علت بيان ڪئي آهي سا حقيقت ۾ علت ئي ناهي".

جواب:-(۵) غير مقلد (اهل حديث) وهابين جو امام مولوي نذير حسين دهلوي - اهل سنت جي دلائل جي پختگي ڏسڻ کانپوءِ مجبور ٿي هيئن طرح لکيائين " حقاني عالمن کان لڪيل ناهي ته رڪوع ۾ وڃڻ وقت ۽ رڪوع کان اٿڻ وقت رفع يدين ڪرڻ لاءِ انڪڻ، وڙهڻ، تعصب ۽ جهالت کان خالي ناهي جو ته مختلف وقتن ۾ رفع يدين ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ ٻئي ثابت آهن.." (فتاويٰ نذيريه جلد پهريون ص ۴۴۱)

معلوم ٿيو ته مولوي نزير حسين دهلوي (جيڪو غير مقلدن جو شيخ الڪل في الڪل آهي) جي سمجهه مطابق رفع يدين جي مسئلي تي جهڳڙو ڪندڙ جاهل به آهي ۽ متعصب به (هاڻي ان مسئلي تي جهڳڙو ڪرڻ وارا وهابي ڇا ٿا فرمائن؟) دهلوي صاحب وٽ عندالرڪوع رفع يدين نه ڪرڻ به ثابت آهي.

حديث ٣: ابو حنيفة عن حماد عن ابراهيم عن الاسود ان عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه كان يرفع يديه في اول التكبير ثم لايعود الى شيء من ذالك. ويأثر ذالک عن رسول الله صلى الله عليه وسلم (جامع المسانيد ص ٢٥٥ جلد پهريون)

ترجمو: سيدنا امام اعظم ابو حنيفه تابعي رضي الله عنه، حضرت حماد کان روايت ڪن ٿا، هو حضرت ابراهيم نخعي کان هو حضرت اسود کان هو فرمائن ٿا ته حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه نماز جي صرف پهرين تڪبير تي هٿ ڪڻندا هئا، پوءِ هر نماز ۾ رفع يدين نه ڪندا هئا ۽ هو ان (نماز) کي رسول الله صلي الله عليه وسلم کان نقل ڪندا هئا.

نوٽ:- هن حديث جا سڀئي راوي ثقه آهن ۽ فن حديث ا امام آهن، ان لاءِ هي حديث بلڪل صحيح آهي.

حديث ۴: حد ثنا محمد بن الصباح البزار شريک عن يزيد بن ابي زياد عن عبدالرحمن بن ابي ليلي عن البراء ان رسول الله صلي الله عليه وسلم كان اذا افتتح اصلواة رفع يديه الي قريب من اذنيه ثم لايعود - (ابو داؤد شريف ص ١٠٩)

ترجمو: حضرت براء بن عازب رضي الله عنه فرمائن ٿا ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جڏهن نماز پڙهندا هئا ته پنهنجا هٿ ڪنن تائين ڪڻندا هئا، تنهن کان پوءِ رفع يدين نه

ڪندا هئا.

سوال- امام ابو دائود ص ١١٠ تي فرمايو آهي ته سي حديث صحيح ناهي

جواب:- امام ابودائود، ترڪ رفع يدين تي حضرت برا بن عازب جي حديث کي ٽن مختلف سندن سان بيان ڪيو آهي ۽ صرف ٽين سند بابت چيو اٿس ته هي حديث صحيح ناهي. ان لاءِ جو ٽين سند ۾ ابن ضعيف ابن ليليٰ صغير آهي جيڪو ضعيف آهي. پر جيڪا سند اسين پيش ڪئي آهي ۽ ابو دائود جي هڪ ٻئي حديث، انهن ٻنهين تي ابو دائود خاموش آهي ۽ انهن سنديشن جا راوي به ثقه آهن، تنهنڪري اسان جي پيش ڪيل حديث بلڪل صحيح آهي.

حديث ٥، حافظ ابن حجر عسقلاني عليه الرحمة، حديث نقل ڪن ٿا ته:

عن عباد بن الزبيران رسول الله صلي الله عليه وسلم كان اذا افتتح الصلواة رفع يديه في اول الصلواة ثم لم يرفعهما في شيء حتي يفرغ

(الدراية في تخريج احاديث الهداية ملحق بهداية اولين ص ٢٦٢)

ترجمو. حضرت عباد بن زبير فرمائن ٿا ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جڏهن نماز شروع ڪندا هئا ته صرف نماز جي شروع ۾ رفع يدين ڪندا هئا تنهن کانپوءِ نماز پوري ٿيڻ تائين رفع يدين ڪونه ڪندا هئا.

حديث ٦:- عن الاسود قال رايت عمر ابن الخطاب رضي الله عنه يرفع يديه في اول تكبيرة ثم لا يعودُ (طحاوي شريف ص ١٥٦ ڇاپو ڪراچي- طحاوي جلد اول ص ٢٢٧

چاپو مصر

ترجمو: حضرت اسود رضي الله تعالىٰ عنه فرمائن ٿا ته مان، امير المؤمنين عمر فاروق اعظم رضي الله عنه جن کي ڏٺو ته هو صرف پهرين تڪبير تي رفع يدين فرمائيندا هئا. تنهن کانپوءِ رفع يدين نه ڪندا هئا.

مصنف ابن ابي شيبه ص ٢٠٧

حديث نمبر ٧- ان عليا رضي الله عنه كان يرفع يديه في اول تكبيرة من الصلواة ثم لا يرفع بعد.

طحاوي شريف ص ١٠٤ چاپو ڪراچي ص ٢٢٥ چاپو مصر

المدونة الكبرىٰ از امام مالڪ ص ١٦ جلد اول

ترجمو: حضرت امير المؤمنين سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله تعالىٰ عنه صرف نماز جي شروع وقت رفع يدين ڪندا هئا تنهن کانپوءِ (پوري نماز ۾) هرگز ڪونه ڪندا هئا"

(نوٽ- اڄ ڪلهه غير مقلد، اهل حديث، مسعودي، فرقو به پيا وهابي به شيءِ نماز ۾ هر هر هٿ مٿي ڪندا آهن)

حديث ٨- عن ابن مسعود كان يرفع يديه في اول شيء ثم لا يرفع بعد - (مصنف عبدالرزاق ص ٧١ جلد پهريون)

ترجمو: حضرت عبدالله ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه (جليل القدر صحابي رسول صلي الله عليه وسلم) صرف هڪ دفعو (نماز جي شروع ۾) رفع يدين ڪندا هئا. تنهن کانپوءِ رفع يدين ڪين ڪندا هئا

(نوٽ- محدث عبدالرزاق، امام بخاري جو استاد ۽ امام احمد بن حنبل جو شاگرد هيو)

حديث ٩- عن مجاهد قال مارأيت ابن عمر يرفع

يديه الا في اول مايفتتح.

(مصنف ابن ابي شيبه ص ٢٣٧؛ طحاوي شريف ص ٢٢٥ جلد اول؛)

ترجمو: حضرت امام مجاهد عليہ الرحمة فرمائن ٿا ته ماں حضرت عبدالله ابن عمر رضي الله عنهما کي صرف نماز جي شروع ۾ رفع يدين ڪندي ڏٺو.

نوٽ- رفع يدين جا قائل بخاري شريف مان حديث حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کي زور شور سان پيش ڪندا آهن- پر اسان حديث (بخاري) جي راوي، حضرت سيدنا عبدالله ابن عمر رضي الله عنهما جو پنهنجو عمل پيش ڪيو آهي- جنهن مان هي واضح ٿيو ته ڪين ترڪ رفع يدين جي جڏهن خبر پئي تڏهن پاڻ ترڪ رفع يدين تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو.

حديث ١٠- عن ابن عباس انه قال العشرة الذين شهد لهم رسول الله صلي الله عليه وسلم بالجنة ما كانو ايرفعون ايديهم الا في افتتاح الصلواة.

(عمدة القاري شرح صحيح البخاري جلد پنجون ص ٢٧٢)

ترجمو: حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنهما فرمائن ٿا جن ڏهن اصحابن سڳورن کي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جنت جي بشارت ڏني آهي سيئي صرف نماز جي شروع ۾ رفع يدين ڪندا هئا.

حديث ١١- ان عبدالله بن الزبير رأي رجلا يرفع يديه في الصلواة عندالركوع وعند رفع راسه من الركوع فقال له لاتفعل فان هذا شي فعله رسول الله صلي الله عليه وسلم ثم تركه.

(عمدة القاري شرح صحيح البخاري ص ٢٧٣)

ترجمو: حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه هڪ شخص کي رڪوع جي وقت ۽ رڪوع کان مٿو کڻڻ وقت رفع يدين ڪندي ڏٺو ته پاڻ انهيءَ شخص کي فرمايائون - رفع يدين نه ڪر ڇو ته اها اهڙي شيءِ آهي. جنهن کي پهرين رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪيو هو پر بعد ۾ انهيءَ کي (آخر تائين) ڇڏي ڏنائون.

● **ضروري نوٽ** رفع يدين ڪندڙن سان اختلاف ان تي آهي ته ، ڇا نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم وصال مقدس تائين رفع يدين ڪيو هو؟ بلڪل نه!!. رفع يدين ڪندڙن وٽ اهڙو ثبوت هجي ته پيش ڪن. رفع يدين ڪندڙ ان مسئلي بابت هڪ حديث فَمَا زَالَت تِلكَ صَلوٰتهُ حَتيٰ لَقيَ الله. بيهقي سان پيش ڪندا آهن. جنهن جا ڪجهه راوي اهڙا به آهن جن کي محدثن وضاع ۽ ڪذاب لکيو آهي- انهيءَ ڪري هي حديث به دليل طور تي مخالف پيش نٿا ڪري سگهن. والله اعلم بالصواب.

-مترجم-

سيد محمد زين العابدين راشدي

لاڙڪاڻو

تاريخ

١٧ فيبروري ١٩٩٢ع

امام احمد رضا خان قادري محدث بريلوي قدس سره فرمائيندا هئا:

حقيقي ايمان هجڻ لاءِ ٻن ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي (١) محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي تعظيم ۽ (٢) محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي محبت کي سموري جهان مٿاهون سمجهڻ.

سو انهن (مسلمانن) ني آزمائڻ جو صحيح طريقو هي آهي ته ترهان کي جنهن سان به، ڪيڏي به گهڻي محبت، عقيدت، احترام ۽ دوستي هجي- جهڙوڪ- توهان جو پيءُ، استاد، مرشد، اولاد، ڀائر، دوست، ڀينر، مائٽ، مفتي، مولوي، حافظ ۽ واعظ وغيره.

ڪير به هجن جڏهن اهي محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ گستاخي ڪن ته بلڪل توهان جي دل ۾ اهڙن شخصن لاءِ احترام ادب ۽ محبت جي ذري به نه رهي هڪدم اهڙن (بي ادبن) کان الڳ ٿي وڃو، ڪين "کير مان مک" وانگر ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو- انهن جي وجود ۽ صورت کان به نفرت ڪيو پوءِ اهڙن (گستاخ بي ادبن) لاءِ نه مائٽي، دوستي ۽ محبت جو لحاظ رکو نه ئي وري اهڙي مولوي، پير يا ڪراڙي جو احترام ڪيو- مٿين شخصن جو محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي غلامي ڪري احترام ادب ۽ تعظيم ڪئي ويندي آهي- جيڪي شخص رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ بي ادبي گستاخي ڪن ۽ گندا لفظ استعمال ڪن ته پوءِ اسان کي اهڙن شخصن سان ڪهڙو تعلق رهندو؟....... توهان اهڙن سان دوستي رکو ٿا جيڪي حضور پاڪ جو گستاخ آهي، توهان انهن سان دوستي نڀائي ۽ گستاخ کي انتوائي برو نه

سمجهيو، يا وري گستاخ (وهابي) کي ٻيڙو چوڻ تي ڪاوڙ لڳڻي يا وري ايتري قدر جو (هن اهم مسئلي ۾) لاپرواهي ۽ مان ڪم ورتو يا وري، تنهنجي دل ۾ انهي ۽ (گستاخ) لاءِ سخت نفرت نه آهي ته پوءِ خدا پاڻ ئي انصاف ڪيو ته توهان ايمان امتحان ۾ ڪيتري قدر پاس ٿيا.

مسلمانو! ڇا جنهن جي دل ۾ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحيح معنيٰ ۾ محبت هوندي اهو گستاخ سان دوستي (۽ محبت) رکي سگهندو؟ (ان گستاخ، بي دين سان سڱ ڏي وٺ ڪندو؟) توڙي ان جو پير استاد يا پيءُ ئي ڇو نه هجي. ڇا جنهن کي محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم سڀني جهانن کان وڌيڪ پيارو هجي اهو حضور جي، گستاخ بي ادب سان هڪدم سخت نفرت نه ڪندو؟ (محبت جي تقاضا آهي ته ضرور نفرت ڪندو) توڙي سندس جو دوست جاني ياءُ سڳو يا پٽ ئي ڇو نه هجي- الله واسطي پنهنجي حال تي رحم ڪيو.

(تمهيد ايمان ص ۵-۱۱- لاهور)

بهت ساده سا هي اپنا أصول دوستي كوثر
جو أن سي بي تعلق هي همارا هو نهين سكتا.

موسيقي دل لاءِ موت آهي

چيو ويندو آهي ته موسيقي روح جي غذا آهي- نه نه بلڪل نه- حقيقت ۾ روح جي غذا الله تعاليٰ جو خوف ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي محبت ۽ سندن ذڪر ۽ درود شريف جي ڪثرت آهي. موسيقي (ساز) شريعت ۾ حرام آهي، حرام ۽ گناهه جي ڪم ڪرڻ سان دل ڪاري ٿي مري ويندي

آهي. معلوم ٿيو ته موسيقي دل لاءِ موت آهي ۽ روح جي دشمن.

شيخ المشائخ، پير ڪامل، سلطان الاوليا ،محبوب الاهي، خواجه نظام الدين چشتي دهلوي رضي الله تعالیٰ عنه (متوفي ۷۲۴هه) فرمائن ٿا.

"موسيقي (ساز) حرام آهن"

تفصيل پڙهو- احڪام شريعت حصو اول ص ٦٢

ڇاپو- مدينه پبلشنگ ڪمپني ڪراچي

يـاد رکـو!

- دهل جي آواز
- يڪتارو ۽ چيرين جي ٽون ٽون
- سازن جي ڇير ڇار
- ميراثيءَ جي ڏوڪن ۽
- رنڊين جي ناچ ۾ پلي جوان ٿيندڙ مائن جي پيٽ مان خالد بن وليد

محمد بن قاسم

طارق بن زياد

جهڙا سورما، مرده پيدا ناهن ٿيندا.

بلڪه---- بدڪار، اداڪار گلوڪار، پيدا ٿيندا آهن.

بنات اسلام----------- ديني درسگاهه

طلب العلم فريضة علیٰ ڪل مسلم و مسلمة (مرآة شرح مشڪواة جلد اول)

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو- علم

حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت تي فرض آهي.

علم مان مراد شرعي مسئلا آهن- جهڙوڪ نماز ۽ روزي جا ضروري مسئلا سکڻ هر مسلمان تي فرض آهن. حيض ۽ نفاس جا ضروري مسئلا سکڻ هر عورت تي، تجارت جا مسئلا سکڻ هر واپاري تي، حج جا مسئلا سکڻ حج تي وڃڻ واري تي عين فرض آهن. عورتون اڪثر پرائي پچار، گلا، ڪوڙ، خدا جي ناشڪري، ڪفري الفاظ، هندن جون ريتو رسمون سانڍ ۽ سَونڻ ڪري رهيون آهن. ۽ فضول گفتگو ۾ روزانو ١٥ ڪلاڪ ڳالهائي پنهنجا اعمال نامه تباهه ڪري رهيون آهن- سندن ڪي جنهن جيڪو ڏس ڏنو بنا سوچڻ سمجهڻ (ان بابت شرعي حڪم معلوم ڪرڻ کان سواءِ) عمل ڪري ڇڏينديون آهن جيستائين عورت جي اصلاح نه ٿيندي، تيستائين معاشري جي اصلاح ڏاڍي ڏکي آهي.

هن گندي معاشري ۾ عورت جي ديني تعليم ۽ تربيت، اخلاق ۽ ڪردار جي سڌاري ۽ نفس جي اصلاح لاءِ ڪوبه ادارو ڪونهي، جت مسلمان عورتون گڏجي ديني ۽ روحاني تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سگهن. جڏهن ته مردن لاءِ درگاهون، مسجدون، مدرسا ۽ لائبريون ديني تعليم لاءِ ۽ علماء و مشائخ تربيت لاءِ موجود آهن.

منهنجي مسلمانن کي اپيل آهي ته هر شهر ۾ جتي به ديني مدرسو قائم ٿئي ان سان گڏ عورتن جو مدرسو "بنات اسلام" به تعمير ڪرايو وڃي- جنهن ۾ پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ چار ديواري اندر سيتي عورتون ۽ نينگريون هجن پردي جي سخت پابندي ۾ مدرسو هلايو وڃي بنات اسلام ۾ ديني فقهي تاريخي ۽ روحاني ڪتابن تي مشتمل لائبريري پڻ هئڻ کهرجي-

۽ جيئن مسلمان عورتون پنهنجي دين جي ضرورت پوري ڪري سگهن. ياد رهي- اهڙا مدرسا لاهور، ساهيوال ۽ فيصل آباد ۾ سرگرم آهن.

انسانَ جانورن ۾ تبديل ڇو ٿيا؟

عمل سي زندگي بنتي هي جنت بهي جهنم بهي-
يه خاڪي اپني فطرت مين نه نوري هي نه ناري هي. (اقبال)

عارف ڪامل حضرت خواجه بنده نواز گيسو دراز قدس سره جا والد ماجد حضرت علامه سيد يوسف حسيني راجا قدس سره (حلت ١٣٣١ع) جن لکن ٿا ته - حضرت اميرالمؤمنين رضي الله تعاليٰ عنه جن کان منقول آهي ته ستاويهه قسم جا انسان (مردَ ۽ عورتون) جانورن جي صورت ۾ تبديل ڪيا ويا. هڪ روايت ۾ چوويهه ۽ هڪ روايت ۾ سترنهه جو تعداد آهي. هتڙي جيڪا روايت بيان ڪئي وڃي ٿي اُن ۾ سورهن ماڻهن جو ذڪر ڪيل آهي.

هاٿي- هڪ استاد هيو جيڪو غلط تعليم ڏيندو هو.

ڪوريڙو- هڪ عورت هئي جيڪا حيض بعد غسل نه ڪندي هئي ۽ هميشه تڙ ۾ رهندي هئي.

لومڙي- هڪ فتني باز ۽ خيانت ڪندڙ مرد هيو.

سرطان- (پاڻيءَ جو جيت)- بني اسرائيل ۾ سترهن مرد هيا جيڪي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي دسترخوان تان کاڌو کائيندا هيا پر ايمان نه آندائون.

ڪَڇُون- هڪ عورت هئي جيڪا پنهنجي نيائي (ڄائي) کان بُرائي ڪرائيندي هئي.

ڪڪڙ- هڪ عورت هئي جيڪا پنهنجي مڙس سان وڙهندي رهندي هئي.

سيهڙ- هڪ چور هيو جيڪو هر سال مڪہ معظمہ جي رستي ۾ چوري ڪندو هيو.

وڇون- هڪ مرد هيو جيڪو هميشہ قبرون کوٽي ڪفن چوري ڪندو هو.

ڳوهہ- هڪ ڏاڙيل هو جيڪو ماڻهن کي ايذائيندو ۽ مال لٽيندو هو.

خنزير- بني اسرائيل جا چاليهہ مرد هيا جيڪا گندا ڪم ڪندا هئا ۽ الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪندا هئا.

ڀولڙ- بني اسرائيل جو هڪ ٽولو هيو.

اُلو- هڪ منڪر مرد هو، جيڪو چوندو هو تہ الله تعاليٰ جو مونتي ڪوبہ حڪم ڪونهي.

جهنگلي ڪانءُ- هڪ واهڻ جو ماڻهو جيڪو شهر ۾ اچي ڪوڙيون ڳالهيون ڦهلائيندو هو.

ڪئي- هڪ عورت هئي جيڪا هميشہ ناچ ۽ ڳائڻ وڄائڻ ۾ مصروف رهندي هئي.

طوطو- هڪ گونگو مرد هيو جيڪو غلام وڪڻندو هو، وياج جو ڪاروبار ڪندو هو، وياج کائيندو هو ۽ وياج جي معاملي ۾ ڪوڙ ڳالهائيندو هو.

ڳيري- هڪ عورت هئي جيڪا پاڻ کي ميڪ اپ سان سينگاري سنواري مردن اڳيان پنهنجي جسم جي نمائش ڪندي هئي.

(تحفہ نصائح ص ١٣٢ ڇاپو ١٩٨٢ع لاهور)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

١٥	فيضان اعليٰ حضرت- مرتب - صاحبزاده سيد زين العابدين راشدي	1000
١٦	ديوبنديدن جا عقيدا- مفتي محمد جان نعيمي	2000
١٧	حضرت روضي ڏٺي جو مسلڪ مبارڪ مفتي عبدالرحيم سڪندري	2000
١٨	قلم جو بادشاه سيد زين العابدين	2000
١٩	ڪنڊل موتي سيد زين العابدين	2000
٢٠	ختم نبوت جي شرعي حيثيت سيد زين العابدين	2000
٢١	پياري نبي جي پياري شفاعت صلي الله عليه وسلم زير طبع	2000
٢٢	رفع يدين آخر ڇو سعيد اسعد بريلوي	2000
٢٣		
٢٤		
٢٥		

اغراض ۽ مقاصد

- باطل نظرين جو اثرائتو رد، ۽ اسلامي نظرين کي فروغ ڏيڻ.
- اهل سنت جي عقائد جي حفاظت ۽ اشاعت جو ڪم ڪرڻ.
- تحفظ ناموس رسالت، تحفظ عظمت صحابه، تحفظ شان اهل بيت ۽ تحفظ مقامات اولياء الله لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
- علماء اهل سنت، خاص ڪري اعليٰ حضرت امام احمد رضا محدث بريلوي رضي الله تعاليٰ عنه جو لٽريچر شايع ڪرڻ.
- خاص ڪري سنڌ اندر "ڪتب و ڪيسٽ لائبريري" قائم ڪرڻ.
- هر سال صفر مهيني جو سموري سنڌ ۾ اعليٰ حضرت جو عظيم الشان عرس ملهائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ.

انجمن پيغام رضا اناج منڊي ميمڻ چيمبرز حيدرآباد سنڌ